# ممتا

رکيءَ جي گهر کان ڪجهه ئي دور ٻه ناريل جا ٻگها وڻ کڙا هئا. سندن سوئن جهڙن پنن وارا متا آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا هئا. رکي خبر ناهي ڪيتري دور تائين چنڊ سان چمڪندڙ آسمان ۾، انهن سوئن جهڙن پنن کي لهرائيندو ڏسي رهي هئي. ڪي سال اڳ جڏهين رکي جوان هئي تڏهين سندس نرم ريشم جهڙا سوارهري وار به انهن هوا ۾ لهرائيندا هئا.

اوچتو ڪنهن ٻهرڪ جي ڇت تان ڦٽ ڦٽ ڪندا ٻه ڪبوتر چانديءَ جي سطح تي، ٻن وڻن جي وچ ۾ آڏاميا پر وڻن تي وهڻ لاءِ ڪا به جڳهه نه ڏسي، پاسي واري ٻهرڪ جي ڇت طرفان هليا ويا. رکيءَ جي خيالن جي ڏار ۾ رخنو پئجي ويو. "هن رات جي وڳري ۾ ويچارن پکيئڙن جي شانتيءَ ۾ ڪنهن خلل وڌو آهي؟" رکي پنهنجي گهر اندر ڏٺو، "آهه، ڪيتري نه اونده آهي! ڪاش، هن اونداهي زندگيءَ جو فقط هڪ پاسو ئي هن چانديءَ جي سطح وانگر روشن هجي!" هن کي نه روشني ڳوليندي به نٿي ملي. پرهه جڏهن مشڪ پاس ڪئي، تڏهن رکيءَ پانهون نه اونداهون پڪش ختم ٿي ويو. ٻر ڏيڍ سال جي

ٿي رکي رنڍٽي ڪي وڃي لڳي. اڄ سندس هٿن ۾ عجيب ڏڪڻي هئي. اڪثر ڇاهه وٽ ويٺي ماضيءَ تي سوچڻ ۾ غلطان ٿي ويندي هئي ۽ جڏهن ڪارا ڪوئلا ڳاڙها ڏاڍا ٻهڪي ويندا هئا ۽ مٿن رک ورڻ به شروع ٿي ويندي هئي، تڏهن وچڙ انهن تي ڏهڪڙي رکڻ جو خيال ايندو هوس، پر اڄ نه هوءَ زور زور سان وڃڻ هئي ڪوئلن مان ڳاڙهي باهه ڪڍڻ لڳي. ڪيئن هڪ پاراڻي پرولي ياد اچڻ لڳي، ”گهر گهر ۾ ڳاڙهي ڪنوار.“ باهه برابر ڳاڙهي ڪنوار آهي پر رکيءَ کي ان وقت ٻي به هڪ ڪنوار اکين اڳيان اچي ويئي. هن سوچيو ته پريم به هڪ ڏينهن ڳاڙهي ڪنوار پرڻجي ايندو. وري اوچتي خيال آيس ”گوپي به ته هڪ ڏينهن ڪنوار ٿيڻجي ساهري گهر ويٺي هئي. پر ڇا ٿيو؟ فقط ڇهه مهنا ٿي ته ويچاريءَ سک ڏٺو... ڇي... ڇي.“

رکيءَ کي ڇڻ ساسو پوڻ لڳو، ”مڙئيءَ شيءِ گهڙيءَ ۾ هي ڪهڙي ڇرپاڻي جا خيال ويٺي ڪريان. گوپيءَ جو ڪهوٽ ته ٻاهر ويو سو پريم کي ته مان جان سان جڙي رکنديس....“

جلدي ڪپڙي پائي اچي پٽ کي ڏنائين. پر اڄ پريم عجيب سوال ڪيو، ”بس ڪپڙي پاپڙ؟!“

ليڪن رکيءَ جي بدن ۾ پاڻ خوشيءَ جي لهر ڊوڙي وئي. ڳاڙهن ڏندن جي چارن کي رئي جي ڪنب سان ڍڪيندي، کلندي چيائين، ”پر هتنا

۽ خبر به ڪانه پيئي آهي ته روز ڪچڙي پاور ٿو کائين يا ٻيو ڪجهه..... پڌاه ته سڀني ڪڪڙو اهڙو سيٺ قاماڻو ائيٽي، جنهن جي طعامن جي هيٺڙ ٿي ٻيٽي سرهاڻ آڇيٽي؟"

هڪ ڪن لاءِ پريم جي چهري جو رنگ ٿي اڏامي ويو ۽ ورڻيءَ پاڻ سنڀالي چيائين، "آءٌ پگهار وٺندو وڃي سٿون تائين لڳندو."

"۽ پٽ ڪم به وٺندو ته مفت نوري ٿي پگهار ڏيندا. پر ڪم ڪهڙو ڪرڻ لاءِ ملندو."

پريم ته اوچتو قاسجي ويو. چيائين، "اهڙي ڪسرت ڪرڻ ۽ قواعد جو ڪم، ٻيو ڪجهه نه.

رڪي جهوني زماني جي زال هوندي به ڪافي دماغي عورت هئي. هن کي دوکو ڏيڻ، پريم لاءِ ڪٺن هو. ٿورن ٿي منٽن ۾ ٻه ٽي سوال ڪرڻ سان سڄو راز ظاهر ٿي ويو.

رڪي وهٽي جو سهارو وٺي کٽ تي وڃي ليٽي. هن کي ائين محسوس ٿيڻ لڳو، ڄڻ ڪيس پڌندي ڪنهن لٺ جو سهارو ڏيئي وري کسي ورتو هجي.

گوپيءَ ڪاڏهن لاءِ چيس ته رڪي "بکا ڪانهي" چئي سمهي رهي. پريم جي گهٽي چڙهڻ تي آئي، پر ٽپي ڪان هڪ گرهه به هيٺ نه لهي سگهيس. پريم کي وٺڻ ڪچوڻ جي همت نه ٿي. هن سوچيو، "آف، ڪهڙي نه جفاڪشيءَ کان پوءِ هن اونداهي گهر ۾

روشنيءَ جي لاٽ آندي هئي ۽ اها ٻه ڪيترو نه جلدي هوا جي هڪ ئي جهونڪي سان گل ٿي ويئي. اڳي ٻه گهر ۾ مايوسي ڦهليل هئي، پر اڄ وانگر دم گهٽيندڙ ماٺ ته ڪانه هئي...... ڪاش مون ۾ ان راز لڪائڻ جي سمرٿي هجي ها!" ۽ شايد هڪ ڏينهن رڪيه کي يادگيري ٻه نه رهي ها ته پريم ڪهڙي نوڪري ڪندو آهي......؟

رڪيه ظاهري طرح شانت هئي، ليڪن اندر ۾ ته جڻ سي لڇي رهي هئي. سندس حالت ان وقت نيڪ ٻڪريءَ جهڙي هئي، جا پنهنجي ڇيلي کي ڪسجڻ لاءِ ويندو ڏسي ڦٿڪندي هجي. "منهنجي پريم کي توهين لشڪر ۾ ڇو ڀرتي ڪرايو؟ هيءَ جنگ جي راڪساڻي منهنجي لخت جگر جو خون ڇو ٿي گهري؟.. نه نه، مان هيءُ خون ٿيڻ نه ڏيندس." رڪيه جي رڳن ۾ چاليهن سالن جو خون هڪوار ممتا وچان ٽڙپي اٿيو. هوءَ پريم جي ويجهو وڃي سندس منهن ۽ بدن تي ڏيري ڏيري هٿ ڦيرڻ لڳي.

"ڇا اما؟" پريم کي اڃا ننڊ نه آئي هئي.

"پريم، تون اها نوڪري نه ڪج."

"ڇو اما؟ آخر فاتح ڪشيءَ جي موت کان ٻه بچڻو آهي نه؟"

"پٽ هڪ قسم جي موت سان، ٻئي قسم جي موت کي روڪڻ مان ڪهڙو فائدو؟"

پريم ذرا تنگ ٿي مٿو ڪنهندي سوچڻ لڳو، ”پهريون ڪو وسيلو به ته ڪونهي.“ ياد آيس ته مشترڪ ۾ جنگ خلاف هڪ مضمون ۾ لکيو هئائين ”آخر انسان ڪي، جي هروڀرو جنگ جوٽي آهي ته هو ڇو: نه قدرت جي رنڊڪن کي دور ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري، ندين جا وهڪرا ڦيري ڇڏي، رڻ پٽ ۾ وڻ ٽڪ طريقن سان برسات وسائي ۽ ڏڪر ڏڪاري، جبل جهاڳي ڌرتيءَ جي شڪل ئي ڦيري ڇڏي. جنگ جي پوت ڪان ڏچي جهڙو ڪجهه دنيا جون سرڪارون لشڪر تي خرچ ڪري رهيون آهن، اوترو جيڪر هن ڌرتي ماتا کي ڪڙڻ تي خرچن ۽ لشڪر وارا سڀ ماڻهو انسان ذات جي سڌاري واڌاري جي ڪم ڪرڻ ۾ لڳي وڃن ته يقينا سرڳ آسمان مان لهي هيٺ پهچي وڃي ۽ اشرف المخلوقات سچ پچ ئي ڪائنات جي اوچي ۾ اوچو فرزند لکيو وڃي.“ پريم پهو به گهڻوئي ڪجهه لکيو هو. ماستر چيو هوس، ”پريم تون پنهنجي قلم سان دنيا کي بيدار ڪج،“ پر ڪمزور قلم، اجهوڪا جي مسئلي اڳيان سٽ نه جهلي سگهيو....

”پريم تون مات ۾ ڇو آهين؟“ ليٽيل پريم جي ڳچيءَ تي ياڻيءَ جا ڦڙا اچي پيا. رکي هيٺر پريم جي خاموشي سهي نه سگهي ۽ سمنڊ جي ڇولين جي اوپار وانگر سندس ماضي تيزيءَ سان اٿلجي پيو........

”پريم ڊسمبر جي ١٩٤١ سردين ۾ تو کي سگريٽ

وٽ وهاري نٺيڙو زريءَ جو ڪرتو ۽ سوڙهن پائچن واري سٿڻ جي سٿ وٺي پاتم، ۽ گلابند ويڙهيو مانءِ ته جهڙو شهزادو ٿي پيس. ٺيڪ ان مهل هڪ تار آئي ته جپانين سنگاپور تي بمباري ڪئي آهي، جنهن ۾ ڇهن مهينن جي ڪنوار گوپيءَ جو سهاڳ بڪ ٿي ويو ۽ تنهنجو بابا نه معلوم ڪيڏانهن گم ٿي ويو. سيڄا سارا ٽي سال، توکي سيني سان لائي مان در در جون ٺوڪرون کائيندي رهيس. سرڪار وٽان فقط ۲۰ روپيا ملندا هئا. انهن لاءِ به مون جهڙيون سئو ڇٽيون لائيون ۽ اچي بيهنديون هيون. تون ان وقت اسڪول پڙهندو هئين. پر آهه منهنجا شهزادا، مان ڪيئن هلندي هونديس؟ پٽ، تون اڄ شاندار نوڪري ٿو ڳوليسن پر مان ته ان وقت شان مان سڀ پلجي ويٺي هيس. مون وٽ فقط هڪ ئي تمنا هئي ته ڪيئن توکي پڙهي ڪامورو بڻايان، جيئن ورتيا پرديس سان پاڻ نه اٽڪائڻو پوم" جيئن رات جي انڌيري ۾ چوماسي جا بادل لڳاتار برسندا آهن، تيئن رڪي جي اکين مان جل جاري هو.

ساري رات پٽ جي انتظاريءَ ۾ شاديءَ جي سيڄا تي ويٺل تراس ناريءَ جي آپاميءَ واڳر رڪيءَ دم کنيو ۽ وري چوڻ لڳي، "لڙائي بند ٿي ويئي، ڇهه مهنا گذري ويا اوچتو تنهنجي ماسي اچي در کڙڪايو. هو هڪ اهڙي انسان کي پاڻ سان وٺي آئو

جنهن کي ڏمي مان ڦان تي زمين تي ڪري پيس...
هو تنهنجو بابا هو... ها تنهنجو بابا! پر هي ڇا هو؟..
سندس هٿ پير ڏستا ٿي ويا هئا. ڪنهن ڪان ڪجهه
پڌي نٿي سگهيو، اکين ۾ خون ڪا جوتي رهي هئس.
تنهنجي مامي سڄي ڳالهه ڪري پڌائي ته ڪيئن بمبازي
وقت تنهنجو بابا بچڻ گهر طرف ڊوڙيو هو، پر رستي
تي هڪ ڳوٺ جي پرسان ٿاڻي جي پيو ۽ ان ڳوٺ جي
ڏي اوٽ ۾ ڪروندرو تي لـــڪي ويٺو. بمن ڪرڻ
جا جهڪي آواز ٿيا ته سندس ڪنن کي ناڪام بڻائي
ويٺو آگ جي شعلن ۾، رستي جي ٻيءَ پر جلندڙ گوپيءَ
جي گهوٽ ۽ ٻين انسان جي رڙين واڪن تنهنجي بابا
جي دل دماغ تي بلڪل ئي برو اثر ڪيو......

هو سمجهه وڃائي ويٺو...."

"پرتم توکي ننڊ اچي وئي؟"

"نه اما."

"پٽ ان تباهيءَ سان گڏ لڙائيءَ ۾ ڪمايل پڙهيواري
جو حصو ٢٠ هزار رپيا، مون لاءِ گهور اندري ۾
هڪ جهڪي لاٽ وانگر ٻرندا اچي ويا. ماڻهن ڳوٺري
هٿ ۾ ڏيئي ڇيو هو ته پنهنجي پرتم ۽ گوپيءَ جي
آئيندي جو سمر انيئي.... پر ڪٿي رهيو اهو سمر؟
جڏهن جڳهه ورتم تڏهن سؤن تي رهسون ڪيــــون.
سواڙ ابتري ماندي هئي جو مڙئي گهر جو خرچ
نڪي ايندو هو، پر جنگ جي راڪسڻ وري به ڪين

سنڌو بلڪل آڪري روپ ۾ ٻڪ ورتائين. هندستان ۽ پاڪستان ٺهيو. هندو مسلمان هڪ ٻئي جو چڪون ماس چٻڻ لڳا. لکين جانيون قربان ٿيون ۽ ڪروڙين انسان دربدر ٿيا ۾ تنهنجو بابا خون ٿي ويو! تو ڏٺو هو ڪهڙو نه دل ڏاريندڙ نظارو هو." رڪيه جا هٿ خود بخود اکين طرف کڄيا جڻ ته ان وهندڙ خون جي سيلاب جو درشيه هٿن سان هٽائڻ جي ڪوشش ڪندي هجي.

رتي جي ڪنڌ سان ڳوڙها آگهي، رڪيه پٽ جي متي تي هٿ ڦيري چيو، ''پٽ وري به شاباس هجي آن پناهگيرياڻيءَ زينت کي، جنهن پوري وقت تي اچي منهنجي شهزادي کي بچايو. پٽ ان ڏينهن کان وٺي مون کي جنگ لاءِ ڏاڍي نفرت آهي. انهن ڏينهن کان وٺي امان جي گهر ۾ ڏيئو نه ٻريو آهي. پٽ انهن ڏينهن کان وٺي هن گهر ۾ زندگي ڪٽجي ڪٽجي رڙهي رهي آهي. ليڪن هينئر تون هڪڙو اميدن جو ڏيئو وجي ٻچيو آهين."

''تنهنجي اميدن جي جوت ته تڏهن چمڪندي جڏهن مان آفيسر بڻجان ۽ هن رواجي تعليم سان ملٽريءَ کان سواءِ ٻيو ڪيئن آفيسر بڻجي سگهندس؟ جي هندستان پاڪستان جي جنگ لڳي ته توکي موٽائي ''پرمويون'' ۾ وٺي هلندس ۽...."

رڪيه کي ڄڻ ڪنهن زور سان لپاٽ هنئي ڏنگهل

شينهن وانگر ڪٽ تان آئي ڪڙي ٿي. پٽ جو ڪنڌ ڪٽي ڇاتيءَ ۾ ڇنڊائين، ڇو ته ننڍڙو ٻولڙو هو جنهن کي ڪو خونخوار جانور کسي ٿي ويو. "هڪڙيءَ جنگ ناٿي ورتو، پيءُ سهاڳ ۽ ننڍڙه ۾ هي اکين جو آماڻند...." رڪي وڏيڪ سوچي نه سگهي. سندس اکين مان جهر جهر آب وهي ڇڏڪو. پنهنجي کٽ تي وڃي ويهاڻي ۾ منهن وجهي، سالن جي روڪيل لهر کي هڪوار وري به دٻي ڇڏڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي.

پريم ڪنهن به طرح ماءُ کي مات ڪرائي نه سگهيو. سندس حالت ٺيڪ ان مزور جهڙي هئي جو بند ڏهندي ڏاهيندي اوچتو پاڻيءَ جي چڙهاءُ جي بند مٿان اڇلجي اچي ڪري غوطا کائڻ لڳو هجي. پريم خيالات جي وهڪري کي ڇڙت ڇڏي هڪوار وري به وڃي بستري حوالي ٿيو "سڄي بمبئي جي خاڪ ڇاڻي ٻيٺس ته به ڪا شاندار نوڪري نه ملي. آخر مٺتري ۾ نه پرتي ٿيان ته ڇا ڪريان؟ ڇا مزوري ڪريان؟ پڪوڙا وڪڻان؟ يا خونچو کڻان؟ ۽ ....پوءِ . منهنجا سڪولي دوست رستي تي ڏسي ٺهه ٺهه ڪري ڇوندا، پريمو او پريمو يار ڪٿي تون ڪٿي هيءُ خونچو؟ هه هه... هه.... پريمو ته هاڻي اک ڪٿي ٿو نهاري؟.. ۽ مان شرم ۾ ٻڏي ويندس...."

پريم جي بلڪل ويجهو پيءُ کٽ تي ماڻس وهاڻي کي ٻنهي هٿن سان نپوڙيندي جنسي پاڳل بڻجي رهي

هئي. اڄ هن جي، ڪليجي ڦاڙي تي چاهيو. "آخر ڪيستائين منهنجي خون سان هولي کيڏي ويندي؟" سندس ڦٿڪي رڳن جو آواز ننڍڙيون ننڍڙيون ڳول لهرون ٺاهيندو پريم جي ڪنن ۾ ڏڦون ڏڦون ڪري وڄي رهيو هو.

پريم سوچيو، "ڪيئن ستائون جنگ جي ميدان وقت هيڏي ڏڦڪندڙ هوندو!... جتي جنگ جي جوالا جلندي هوندي اتي ڇا نه هوندو؟... انسانن جي آهوني! هن جي پگهر سان کڙا ڪيل بجلي گهر، محنت سان اڏيل ڪارخانا ۽ سک ڇڙن جي حياتي کي پناهه ڏيندڙ عمارتون... آس ۾ جلي جلي آسريل ڪيت سڀ خاڪ سڀ نابود!!......"

ٻرڪن جي آس پاس بلڪل گهور انڌيرو ڇانيل هو. چوطرف خاموشيءَ جو راڄ هو، فقط داي مان سنڌڙ پاڻي ٽيڪ ٽيڪ ڪري ڦڙو ڦڙو ٽي پات ۾ ڪري رهيو هو. پريم نوڪري بابت ڪوبه فيصلو نه ڪري سگهيو. مٿس ڏهري ڏهري بدني ٿڪ غالب پوڻ لڳو ۽ جلدئي اک لڳي ويس......

"....ليڪن هي ڪير آهي؟ بابا.... بابا...." هن جي سيني ۾ اڃا به خوني خنجر گهسيل هو ۽ خون جي هڪ دل دهڪائيندڙ ڌار وهي رهي هئي. "پريم توکي هندستان جي جنگ گهرجي؟ اڄ سان توکي ڏيکاريان." هي پريم جي بابا جوڻي نه آواز هو.

پرتم ڏٺو هڪ بلڪل ٿي سنهو ڌاڳو هو جنهن جي پاسن کان اٿاهه لشڪر هئا... لسا... نا... تمام ننڍيون بجليون شرارت ڪنديون هڪ کان ٻئي طرف تباهي ڦهلائي رهيون هيون. ڪن ۾ سڙيل لاشن جا ڍير لڳي ويا. ڪنهن جي ٻانهن گم ته ڪنهن جي ٽنگ گم، ڪن چيخون ٿي ڪيون ته ڪن پاڻي لاءِ ٿي پڪاريو.

"پرتم اڳتي هل، اتي ڇا بيٺو ڪرين؟"

هڪ زبردست آواز ٿيو ۽ پرتم ڏٺو دور دور تائين سڀ ڪجهه دونهين ۾ ڍڪجي ڪارو ٿي ويو ۽ دونهون هٽي وڃڻ تي به سڀ ڪجهه جيئن جو تيئن رهيو. ماڻهو بازارن ۾ ويندا رهيا، عمارتون اڏول کڙيون هيون. سڪولي پار پهچڻ تي ٿي خاموش ٿي ويا ۽ دور ڪٿي ۾ هاري هر ڪڙهندي ڪيڙهندي سن ٿي ويا، ليڪن سيني جو رنگ آڱرن جهڙو ٿي ويو. پرتم اڳتي وڌيو ۽ هڪ پار ڪي هنج ۾ ڪيائين. ليڪن هي ڇا؟ هي ته رڪ جي ديري هئي. ليڪن "پرتم پيون؟" اڙي هي ڇا... هي ته سندس پنهنجي جڳهه هئي. هن چاهيو ته ڇلانگ ماري مٿي ڪڏ تي چڙهي وڃي ڪو لغز آڏائي پر ڏاڪڻ تي پير رکڻ سان ڏٺائين ته جي اڏول ٻاروتي ٽانگ وانگر سڄي عمارت پري اچي پٽ پيئي. "هي ڇا... هي ته ڇا ٿيو...... آسا ڪي هن پرتم پيون ۾ ته آڻيو هوم!" هن جي مٿي ۾ چڪر اچڻ لڳو، "بابا

هيءُ پرهم پٽوز! بابا هي ڇا....؟"

اوچتو سنهي ڏاڪي جي پٺي طرف ٺڪ ٺڪاءَ، ٺڪ ٺڪاءَ وارو آواز ٿيڻ لڳو. پرهم ڏٺو، ڪن ۾ زمين جا ڪڪرن ميل جرنلائي ٽولي ۾ ڇهڙن آلن مان ڏيکجي ويا... انهن جي هيٺان لکين انسان ڦٽڪي شانت ٿيندا ٿي ويا. ترڪ ٽُرڪ ڪندڙن عمارتون ڪرڻ لڳيون... "بابا... هو ڏسو... زينت محل، سچو باهه ۾ وڙهجي ويو آهي. بابا، او بابا... هيءَ موت جو نظارو مون کي نه ڏيکار. بابا! زينت مون کي بچايو هو. هن منهنجي مٿي تي ترڪي ٽوپي رکي ڇرا ڪٺي آيل مسلمانن کي ڇهو ته آيا هيءَ منهنجو حصو آهي. وڃاري جي آئي کي هندستان ۾ ماري ڇڏيائون. بابا... زينت سڀ آهي. ان جو محل ڪيڏانهن ويو؟" هو ٻارڻ وانگر ٻاڏائڻ لڳو.

"پٽ، اِن کي جنگ چئبو آهي. هڙني جنگين مان عام ماڻهن کي ڪوبه فائدو نه مليو آهي. صرف چند خود غرض ۽ خون چوسيندڙن کي ان مان لاڀ مليو، عام لاءِ ته لڙائي بربادي آڻي ٿي."

"بابا هيءَ هاهاڪار، تباهي ۽ خون جي هولي، سڀ منهنجي دل کي چيري رهيا آهن! مان حيوان بڻجي ويندس!! بابا پلو هو ڇاتيءَ مان خنجر، ٽوهين ڇو نٿا ڪڍيو؟ منهنجو مٿو ٿو ڦري...."

"هيءُ خنجر هڪ ٽو جهڙي انسان.... روٽي لاءِ ٻڪر ڪندڙ انسان، منهنجي سيني ۾ چڀايو هو. ان لاءِ ڪيس چانديءَ جا ٽڪرا مليا هئا ڪاش، ڪنهن خبر هجي ها ته ساڳئي وقت روٽيءَ جي چند ٽڪرن لاءِ ٻيو به ڪو سندس جهڙو انسان، هندستان جي ڪنهن ڳوٺ ۾ زينت جي خاوند جو خون ڪري رهيو هو...."

"پر بابا هيءُ خنجر مان هينئر توهان جي ڇاتي ۾ رهڻ نه ڏيندس...."

پريم ڇلانگ ماري آئيو! پر بابا ڪٿي هو!!....

سامهون بستري تي ساري رات ڳچ ڳاريل، ڳاڙهيون ڳاڙهيون اکيون کڻي رکي، دريءَ کان ٻاهر اُفق ڏانهن، ناريل جا ڊگها وڻ ڏسي رهي هئي. هينئر اُفق وٽ چانڊاڻ نه، پرڀات جي لالاڻ هئي.

رکي جي پيرن کي جهلي پريم چئي رهيو هو، "آما، رات بابا مون کي جنگ ڏيکاري... مون کي جنگ نه کپي، شانتي کپي. مان مزوري ڪندس، خوش ڪندس، پر لشڪر ۾ ڀرتي نه ٿيندس."

رکيءَ پٽ کي ڇاتيءَ ۾ ڇپائي ڇڏيو. پاسي واري بڙ تان اڇا اڇا ڪبوتر ڦٽ ڦٽ ڪندا چوڳي جي ڳولا ۾ اڏامي ويا.

(١٩٥٢)